## ٿيليسميا ميجر_ رت جي مهلڪ ۽ لاعلاج بيماري.

## ”ڪجهه غور طلب حقيقتون_ هڪ فڪرجي گهڙي هڪ چئلينج“

## ٿيليسميا ميجر_ هڪ اجتماعي اذيت ۽ تڪليف.

## ٻارجي لاءِ جسماني تڪليف_ خاندان جي لاءِ روحاني تڪليف.

## معاشري جي لاءِ سماجي تڪليف_ ٿيليسميا ميجر هڪ اذيت ئي اذيت.

## هڪ اهڙي تڪليف / اذيت جنهن مان ڇوٽڪارو ملڻ ممڪن آهي.

شرط هيءُ ته اسان مان هر شخص پنهنجو ڪردار ادا ڪري. رت جي مٽا_ اضافي فولاد جو نڪرڻ. تري جو آپريشن_ هي سڀ هڪ هارايل جنگ جو حصو آهن، جنهن ۾ سواءِ پيسن جي بربادي_ وقت جو ضايع ٿيڻ ۽ وڏيڪ تڪليف جي پيو ڪجهه به نه آهي. هن طريقه علاج ۾ نه دل کي چين ۽ نه روح کي سڪون_ سماجي زندگي بري طرح ڊوانڊول ۽ مالي حالت بد کان بدتر_ هي ڪهاڻي آهي هڪ اهڙي خاندان جي جنهن ۾ هڪ ٻار ٿيليسميا وڏي(ميجر) جي پيدا ٿئي.

”ڇا توهان هن آزمائش مان گذرڻ پسند ڪندو؟؟“

هن بيماريءُ کان بچڻ لاءِ صرف هڪ ئي طريقو آهي ته ، اهڙي حمل جي نوبت ئي نه اچي جنهن ۾ هن بيماريءُ واري ٻار جي پيدائش جو امڪان هجي_ هي مقصد هر شهر ۾ دستياب هڪ سستي ٽيسٽ سان حاصل ڪجي ٿو_ هن ٽيسٽ کي ”هيمو گلوبن اليڪٽرو فورسيز“ چئجي ٿو_اصولاً هر شخص کي هيءُ ٽيسٽ ڪرائڻ گهرجي ۽ ان کي پنهنجي ٿيليسميا اسٽيٽس جي باري ۾ علم هئڻ گهرجي بحرحال هيٺ ڄاڻايل ماڻهن کي هي ٽيسٽون ضرور ڪرائڻ گهرجن.

(١) حامله خواتين (٢) اُهي نوجوان جيڪي پنهن جي ازدواجي زندگي شروع ڪرڻ وارا هجن(٣) اهڙن خاندانن جي ٻارن کي جنهن ۾ هڪ ٻار وڏي ٿيليسميا

(ٿيليسميا ميجر) يا ننڍي ٿيليسميا (ٿيليسميا مائنر)سان گڏ پئدا ٿيو هجي.

هيءَ بيماري ان ٻار ۾ ٿي سگهي ٿي جنهن جي ماءُ ۽ پيءُ کي ٿيليسميا مائنر (ننڍي ٿيليسميا) هجي. ٿيليسميا مائنر بذات خود ڪا پريشان ڪن يا تڪليف ده بيماري نه آهي. هن جي اهميت هن ڪري آهي ته اگر هيءَ بيماري پيءُ ماءُ ۾ هجي ته ڪو نه ڪو ٻار ٿيليسميا ميجر (وڏي ٿيليسميا) سان پيدا ٿيندو. ان ڪري اُهي نوجوان جن کي ٿيليسميامائنر هجي، پاڻ ۾ شادي نه ڪَن.

اچو هن ڪم ۾ پنهن جي لاءِ. پنهن جي موجوده ۽ آئينده نسلن جي لاءِ. معاشري جي لاءِ ۽ ملڪ ۽ قوم جي لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪريون ۽ هن پيغام کي گهر گهر، گهٽي گهٽي ۽ شهر شهر پهچايون چاڪاڻ ته هن اذيت ناڪ بيماريُ کان اسان پنهن جي ٻارن کي محفوظ رکي سگهون. ڇا توهان پنهن جي ٻارن جي خاطر هن ڪم ۾ پنهن جو ڪردار ادا نه ڪندو؟ اگر توهان نه ڪندو ته ڪير ڪندو؟؟

توهان خود به هن تحرير کي پڑهو. پنهن جي زال، ٻارن، ڀائرن، ڀينرن،رشتيدارن، دوستن،احبابن کي پڑهايو، ۽ پنهن جو حصو ٻاڳي طور تي صرف ڏهه ڪاپيون ڪرائي تقسيم ڪرائيو. هيءُ توهان جي اخلاقي ۽ سماجي،امداد جو هڪ حسين ۽ زنده ثبوت ٿيندو.

ٻن سڳن سوُٽن(مرد. عورت) جي شادي نه اسلام ۾ منع آهي ۽ نه ئي اسانجي معاشري ۾ چاڪاڻ ته سڳن سوُٽن ۾ ٿيليسميا مائنر هئڻ جو امڪان گهٽو آهي. ان ڪري اهڙي شاديُ کان پهريائين ئي هي فيصلو ڪرڻ ضروري آهي ته ٿيليسميا مائنر ٻنهي ۾ هڪ وقت نه هجي اگر صرف هڪ ۾ هجي ته اهڙي شادي ۾ ڊاڪٽري نقطئہ نظر کان ڪو به حرج نه آهي، ليڪن اگر ٻنهي ۾ هن جا اثرات هجن ته خدارا! آئينده نسل جي خاطر اهڙي شاديُ کان پاسو ڪريو!!